سلسله وار تبليغي كتاب نومر ٥

# شهادت
# حضرت وهب
# بن
# عبدالله كلبي

[ سبيل حق ؟ واسطا قائم ]

[ دوقع اورنون (جلد) ٥٠٠ ]

قيمت ٠ — ٤ — ٠

محمد هاشم عرف ميوه خان

# جهاد بالنفس

اسان جو سڀني مسافر پنهنجي خوش نصيب زندگيءَ لي خوش ٿيندو ڏيو وڃي - ماءُ ڪٿ هئي. هن مسافر دل کولي پنهنجي منڪوحه جي سڄڻ ڇوري تي نه ٻوري نظر نه وڌي هئي ته اوچتو ڪربلا جي ميدان ۾ ٻوڇڙ ڪرڻ هنگي جمر نه آهي ڪهڙو نظارو ڏسڻ ۾ آيو جو چوڻ لڳو. "امان جان هن صحرا ۾ فوجن جو ڪهڙو ڪم؟ ڇا هتي ڪا جنگ لڳي آهي؟"

ماءُ - ٻچ ڪهڙي فوج ۽ ڪهڙي جنگ؟

ٻچ سامهون ڏس ته ڪڪرن وانگر فوج نظر اچي رهي آهي. ترارون هٿن ۾ رهيون آهن تير وسي رهيا آهن نيزا اڀا ڏسڻ ۾ اچي رهيا آهن.

ماءُ - ٻچڙا اهڙي خطرناڪ رستي تان ڪيئن هلي سگهنداسون.

ٻچ - ڇا ٻڌايان -

ماءُ - ٻچ تو ورو اڳتي وڌي معلوم ڪر ته آهي ڇا؟

ٻچ - اڳيرو وڌو ۽ واپس اچي عرض ڪيائين امان

جان غضب لئي ويو اهلبيت رسول مصيبت ۾ آهن هي فوجون انهن ئي جي لاءِ ڪٺيون آهن.

ماءُ- ٻڌڻ ۾ آگر وڃي پٽ خاموش منهن مان فال بد نه ڪڍ- خدا امام حسين عليه السلام کي زنده رکي اهو ئي ته پنجتن پاڪ جي اڪيلي نشاني آهي- پٽ ڪٿي مدينو ڪٿي ڪربلا، رسول صلعم جو نواسو هن صحرا ۾ ڪيئن آيو هوندو؟

پٽ- امان جان مونکي ڪنهن ٻڌايو ته آهي دشمن انهي ڪري جا پياسا آهن ٽن ڏينهن کان هن صحرا ۾ آيل آهن. شهادت جي جام پيئڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه چارو نظر نٿو اچي.

ماءُ ٻچي هٿ سر تي هڻي هاءِ هي ڪهڙو اندير آهي! دنيا کي ڇا ٿي ويو- هاءِ افسوس آءٌ ڇاڪريان پٽ توکي ڪيئن اها ڳالهه معلوم ٿي.

پٽ- آئون انهن ئي ماڻهن کان پڇي آيو آهيان جي مولا جا ساٿي آهن- ڪي شهيد ٿي ويا آهن ڪي باقي آهن، جريان ڏسين ٿي ته رڻ پٽ ۾ خيمان نظر اچي رهيا آهن اهي مظلوم آقا جا آهن. ماڻهن کان خبر پئي ته ننڍڙن ٻچن جي اڃ جي خيال سان اهي خيما دريا جي ڪناري تي نصب ڪيل هوا مگر يزيد جي فوج انهن خيما هٽايا هن غرض سان ته حسين عليه السلام جا ننڍا ننڍا ٻچا پاڻي پي نه سگهن.

ماءُ - حيف آهي اهڙن کي جن پنهنجي سياسي چالن
سان دنيا کي الٽن جي خلاف ڪري ڇڏيو - اي سڀ
مولا حسن جي خون جا پياسا ٿيا آهن. يا الله رهبري
ڪر ته آئون ڇا ڪريان.

پٽ - امان اجازت ڏي ته امام جي مدد ڪريان.

ماءُ - پٽ محبت ۽ الفت امام جي اهڙي رستو
ڏيکاري ٿي ته توکي آقا تان نثار ڪريان پر افسوس
تو اڃان پنهنجي ڪنوار جو دل پري منهن به نه ڏٺو
آهي جو غريب پنهنجي دل ۾ ڇا چوندي، الڪي
ڪوڙي عمر ته، انهن وجود صرف مولا علي عليه
السلام جي دعا جو نتيجو آهي - جي سندن برڪت
شامل حال نه هجي ها ته منهن جي هنج خالي
رهجي وڃي ها - ممڪن آهي ته الهي سعيد ۽ مبارڪ
ڏينهن لاءِ حضرت امير عليه السلام پنهنجي محب
عبدالله ڪلهوڙه کي اولاد جي بشارت ڏني هجي -
جي اڄ امام جي ڪم آئين ته تنهنجو پيءُ عبدالله
ڪلهي حشر جي ڏينهن پنهنجي آقا علي عليه السلام
جي اڳيان سرخرو ٿيندو -

پٽ :- امان جان آئون پنهنجي مرحوم پيءُ کي
شرمسار ٿيڻ نه ڏيندس آقا تان ضرور قربان ٿيندس
شادي ڪنهن جي ڪاڻ ٿي ٿئي ڇا هن دائمي
شاديءَ کان هيءَ فاني دنيا جي شادي وڌيڪ آهي
ڇا؟ نوازش روءَ ڪنوار کان پڇي وٺ.

ماءُ:- تنهن ڏي مخاطب ٿي، ٿيءَ آئون آل رسول جي خدمت ڪري پنهنجي عاقبت سنوارڻ چاهيان ٿي ان سان گڏ تنهن جي محبت، راحت ۽ آرام جو مرحلو به نظر ۾ اٿم. باقي تنهنجي ڪهڙي مرضي آهي.

ننڍو:- چاچي امان منهنجي ضعيف ڀائرن ۾ ايتري طاقت ناهي جو آقا تان قربان ٿي وڃان- ڇا تون هن فاني دنيا جي خوشين کي هميشه واري خوشيءَ سان برابر سمجهين ٿي؟ آهه آهه- مولا حسين تڪليف ۾ هجي ۽ آئون پنهنجي سهاڳ جو خيال ڪريان!

ڪربلا جي ميدان ۾ ستر هزار ڪوفي ۽ شامي فوجون اسلام کي فنا ڪرڻ لاءِ اچي ڪٺيون ٿيون آهن ليڪن انهن جو علاج مولا حسين وٽ سواءِ قربانيون پيش ڪري اسلام کي بچائڻ جي ٻيو ڪوبه نه هو- عمر بن سعد کي شمر ملعون جي پيغام پهچڻ ڪري ڇڏيو ۽ امام سان مقابلي لاءِ تيار ٿي بيٺو. هاڻي صلح جا سڀ رستا عمر سعد ۽ شمر سواءِ بيعت جي، قبول نه ڪيا ۽ جنگ، شروع ٿي وئي. يزيدي فوج ۾ حافظ به آهن. نمازي به آهن ۽ ڀاڳ کي پرهيزگار به چاهن ٿا تڏهن به انهن مان ڪوبه عمر ۽ شمر کي ايتري چوڻ لاءِ به تيار نه آهي ته امام سان جنگ ڪري رسول ڪريم صلعم جي روح کي صدمت رنجائڻ ٿو. هنن ظالمن کي سواءِ دنيا جي ٻي ڪنهن شي جي

طلب نہ آهي تڏهن ظلم ڪرڻ تي تيار ٿي پيا آهن .

امام عليہ السلام نہ جان ۽ عزت جون سڀ راهون بند ڏسي دفاعي حيثيت سان ڪن جانثارن جي قرباني ڏئي چڪو آهي ۽ ڪي قربان ٿيڻ لاءِ رسا چنائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن تہ اوچتو هڪ ضعيف ۽ نحيف عورت ، جوان پٽ ۽ نُنهن کي ساڻ وٺي اچي قدمبوسي جو شرف حاصل ڪيو . امام عليہ السلام علم امامت سان انهن کي سڃاتو ۽ معلوم ڪيو تہ شادي ڪري وطن واپس وڃا ٿي .

امام عليہ السلام :- اوهان کي هن خطرناڪ ميدان ۾ ڪهڙي مجبوري ڪاهي آئي آهي ؟

ضعيفہ :- مولا اميرالمومنين جي محبت ۽ قرباني جي جوش مونکي هن ميدان مان اچڻ تي ولڙ نہ ڏنو .

امام عليہ السلام :- خوش نصيب آهن اهي ماڻهو جي اسلام جي بقا لاءِ سر تري تي رکي پرلڏ ۾ پاڻ ۾ ٽپو ڏين ٿا ، ليڪن توهان پنهنجي خوشيءَ کي غم سان تبديل نہ ڪريو . پٽ کي گهوٽ ڪري نُنهن ساڻ وٺي آئي آهين ، جلدي هتان نڪري وطن ڏي راهي ٿيو تہ بهتر .

ضعيفہ :- مولا مونکي جي پڇو اوهان جي پاڪ سائينءَ جي دعا سان قدرت عطا ڪيو ، جي هيءَ نازڪ حالت ڏسي پٽ کي وٺي وڃان تہ قيامت ۾

سنڌس ٻيءَ ۽ اسين سردار دوجهان کي ڪهڙو منهن
ڏيکاريندا سون . هي اوهان جي والده ماجده ڳوراڻو
ڏکي ته منهنجي نور ديده حسين کي ڇڏي هليا
ويو ته اسان جو ڪهڙو حال ٿيندو . منهنجي پٽ
وهب جي قرباني قبول فرمايو ته فاني دنيا جي
شاديءَ سان گڏ ڪربلا جي رڻ سان لائون لڌي .

حسين عليه السلام :- اي قمر آئون چاهيان ٿو
ته تنهنجو نور نظر جو قبله ڪعبه جنهن جي دعا جي اثر
جي تعالي آهي سا باقي رهي ۽ دنيا جي نعمتن کان
سرفراز ٿئي . منهنجي تون کي اميد ته بناءِ جو وهب
تنهنجو سڪيلڌو هڪڙوئي پٽ آهي .

امام عليه السلام :- مائي قمر تون سچ ٿي
چوين ته تنهنجو پٽ خدائي امانت آهي جا خدا
جي برگزيده بنده تان قربان ڪريان ليڪن پٽ
جي شادي جي خوشي ماڻڻ جي خدائيءَ جو ارمان هڪو ماءُ
کي لڳي ٿو تنهن کي منهنجي ۽ علي اڪبر جي
والده ماجده بيبي ام ليلي جي حال سان پڇڻي
ڏس ته عمر ٿوئي ته ماءُ جي دل ڪهڙي ٿيندي
آهي آئون چاهيان ٿو ته توهين هليا وڃو.

قمر :- آقا امام بيبي ام ليلي جا ارمان ۽
شهزاده علي اڪبر جي مثال سان مون ڪنيز جي
پٽ جي مثال جي ڪهڙي نسبت . علي اڪبر جي

جدائي ۽ سندس ماءُ جي دل جي ارمان تان اهڙا
هزارين پٽ هجن ها پاڻهي قربان ڪري ته به برابري
نه ٿئي . منهنجي هن ناچيز هديه کي قبول فرمايو
دير نه ڪريو .

امام عليه السلام :- جيڪو هي منهنجي چوڻ تي
راضي ٿئي ٿين ته وهب کي موڪلت ڏئي خوشي ۾
منهنجي همشيره بيبي زينب خاتون وٽ وڃ .

قمر وهب کي امام وٽ ڇڏي تنهن ساڻ ڪري
خيمي ۾ وئي ۽ سڀني بيبين جا آداب بجا آندا .
بيبي زينب خاتون سلام الله عليها قمر کان حقيقت
حال پڇيو ۽ فرمايو توکي تنهنجي قربانيءَ جو ثواب
بيشڪ ملندو ۽ آئون مولا حسين کي سڏايان ٿي ته اهي
به توکي اجازت ڏين ته تون پٽ ۽ تنهن کي وٺي
وطن ڏي راهي ٿي . بعد امام کي سڏي آئي ۽
بيبي ام المصائب کين عرض ڪيو ته قمر کي اجازت
ڏيو ته هوءَ پٽ ۽ تنهن وٺي هلي وڃي .

امام عليه السلام :- ادي مون تنهن کي گهڻوئي
سمجهايو آهي ۽ هاڻي اوهان جي روبرو ان کي
چوان ٿو ته پنهنجي پٽ جي حوالي جو داغ دل تي
نه سهه هلي وڃ تنهنجي ۽ تنهنجي پٽ ۽ تنهن جي
قبر ۽ حشر ۾ مدد ڪنداسون .

قمر :- بعد هيءَ بيبي ام المصائب جي پيرن تي

رکي عرض ڪيو ائين هرگز نه ٿيندو ۽ آئون پنهنجي
پٽ کان تيستين راضي نه ٿيندي جيستين هن کي
خدا جي راه ۾ قربان ٿيل نه ڏسان .

قمر جي اسرار تي حضرت امام حسين قمر کي
بهشت جي بشارت ڏئي ٻاهر آيا .

وهب :- آقا امام جي مصلحت ۾ دخل ڏيڻ
جنن ۽ انسانن جي طاقت کان ٻاهر آهي ليڪن عرض
هي آهي ته شهادت جي شوق مونکي بيچين ڪري
ڇڏيو آهي حڪم ڏيو ته اوهان جي دشمنن سان مقابلو
ڪري جام شهادت نوش ڪريان . امام مجبور ٿي
وهب کي جهاد جي موڪل ڏني ۽ هو حڪم مطابق
شرط جيئن تير ڪمان مان نڪرندو آهي تيئن ميدان
۾ ٽپي دشمن سان مقابل ٿيو ۽ هـن هڪڙي ئي
جوان دشمنن جا ٽي سو ماڻهو قتل ڪيا . ايتري ۾
يزيد جي فوج جي هڪ سپاهيءَ وهب کي چيو ته
اي جوان ڇا حسين وٽ ٻيو ڪو به بهادر نه هو جو
تو جهڙي گهوٽ کي لڙائي جي اجازت ڏني اٿن . وهب
ٽوڪ ڏئي چيو ته خدا توکي غارت ڪري ڇا خداجي
راه ۾ سر ڏيڻ گهوٽ جو حق نـه آهي ؟ منهنجي
اصلي شادي شهادت آهي . ائين چئي هـن ڏي
وڌيو ۽ هڪڙي ئي ڌڪ سان هن کي جهنم رسيد
ڪيو . ايتري ۾ وڙهندي ان جاءِ تي

پهتو ڏٺائين سندس ماءُ ۽ زال الهي بهادر ۽ ذوالفقار و ڏسي
رڙيون ڪيون. انهن کي ڏسي وهب گهوڙي تان
لٿو ۽ ماءُ جي اڳيان ان سر رکي چوڻ لڳو امان هاڻي
ته راضي آهين. ماءُ اطمينان اظهار ڪندي مسڪراهٽ ۽
اهڙي ته سرشار ٿي جو اٿي کي خوشالي جي چمي
ڏئي چيو اٿ آئون خوش ان وقت ٿيندس جڏهن
تنهنجو سر منهنجي آغوش ۾ ايندو. الله اڪبر ان
جهاد بالنفس جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي. هن مولا جي
لي سندس زال براهو مٿي ڪري چيو مون ڏٺال
کي ڪنهن جي سواري چڙهيو ٿا. وهب جواب ڏنو
خدا ۽ رسول جي حفاظت ۾. خدا تي ڀروسو رکو ۽
مولڪي آل رسول تان قربان ٿيندو ڏسي خوش ٿيو.

وهب جي ڪنوار:- منهنجي سر جا تاج مون
جي اها خواهش ته آهي ته ميدان جنگ ۾ ته وڃين.
تنهنجي انهي شوق شهادت تان سو جانيون قربان.
آئون خود دعا ڪريان ٿي تہ خدا مولڪي انهن
خواهشن ۾ جلد شمار ڪري جن جو سماڳ. هن جنگ ۾
لٿو آهي. منهنجي فقط هڪڙي گذارش آهي ته
توهين امام مظلوم جي روبرو هي وعدو ڪريو تہ
مون ڏکوئل کي ٻاجهه سان گڏ وٺي بهشت ۾ داخل
ٿين. اها ڳالهه ٻڌي وهب تنهنجي زوجه جيانسو
هٿ وٺي امام جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. امام ٻنهي

جون ڳالهيون ٻڌيون ۽ سرد آه ڀري فرمايو ته آئون
ضامن آهيان وهب تو کان سواء جنت ۾ داخل نه ٿيندو.
وهب جي ماءُ چيو- يا امام مولا کي به دعا ڪريو
ته آئون به جدائي جو وقت صبر ڪري سگهان ۽ ٻنهين
سان بهشت ۾ آرام حاصل ڪيان. امام سندس ماءُ کي
به دعا ڪئي. وهب وري ميدان جنگ ۾ آيو.
گهمسان جي جنگ شروع ٿي جنهن ۾ اسي حملو ڪيائين
ٿي ان ۾ اسي قطارن جون قطارون قتل ڪيائين ٿي.
اوچتو هڪ سپاهي جو وار سڄي هٿ تي لڳو ۽ هٿ
ڪپجي پيو، سپاهي ڪيس گهيري ويا. زخمن کان
چور ٿي زين تان زمين تي آيو. دشمن ان جو سر
وڍي سندس ماءُ ڏي اڇلايو. ماءُ وٺي هٿ جو
سر کنيو ۽ الهي ڳالهائي ۽ ڳلي ۾ چميون ڏنيون
۽ سر وري انهن ڏي اڇلائي چيو اهلبيت جا طرفدار
جيڪا شيء قربان ڪندا آهن تنهن کي وري هٿ نه
لائيندا آهن جي سر امام حسين عليه السلام تان صدقو
ڪيو اٿم.

تاريخن ۾ آهي ته وهب جي آخري جنگ ۾
جنهن جي هڪ هٿ ڪٽجي وهب کي بچائڻ لاء سندس
زال اڳتي ڀڄي ۽ شمر ملعون جي اشاري سان هڪ
شقيءَ وهب جي زال کي گرز هڻي انجو سر ٽڪر
ٽڪر ڪري ڇڏيو ۽ هوءَ به وهب سان گڏ جنت ڏي

راهي ٿي. اها آهي امام جي دعا جو سندس زال کي فرمايو هوائون ته تون وهب سان گڏوگڏ بهشت ۾ وينديءَ. ٿيو به ائين جو وهب ۽ سندس زال گڏ جي وڃي جنت ۾ داخل ٿيا.

"من مات ولم يعرف امام زمانه فقد مات ميتة الجاهلية"

جنهن وقت جي امام جي معرفت حاصل نه ڪئي ته هن جو موت جهالت جي آهي. يزيد جي لشڪر امام کي نه سڃاتو ته قتل ٿي جهنم ۾ داخل ٿيا ۽ وهب ۽ ان جي زال کي امام جي معرفت حاصل هئي ته پڻ امام تان قربان ٿي جنت ۾ داخل ٿيا.

خادم الملت

ميوه خان

هي ڪتاب سيد قربان علي شاهه ولد مرحوم
سيد شاهه محمد شاهه موسوي
پنهنجي اماميه اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس
اسٽيشن روڊ حيدرآباد ۾ ڇپيو
۽
محمد هاشم عرف ميوو خان جائنٽ سيڪريٽري
انجمن اماميه سنڌ حيدرآباد مان پنهنجي
خرچ سان ڇپرائي پڌرو ڪيو ۱۴ آڪٽوبر ۱۹۵۹ع